# سنڌ ايڪٽ نمبر XXXI مجريہ 2015

# SINDH ACT NO.XXXI OF 2015

# سنڌ سروس ٽربيونلس (چوٿين ترميم) ايڪٽ، 2015

# THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (FOURTH AMEND MENT) ACT, 2015

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of Sindh Act XV of 1973

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXXI مجريه 2015

# SINDH ACT NO.XXXI OF 2015

# سنڌ سروس ٽربيونلس (چوٿين ترميم) ايڪٽ، 2015

# THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (FOURTH AMEND MENT) ACT, 2015

[04 جون، 2015]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾ هن ريت ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سروس ٽربيونلس (چوٿين ترميم) ايڪٽ، 2015 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1973 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعه 3 جي ترميم

2. سنڌ سروس ٽربيونلس ايڪٽ، 1973 ۾، دفعه 3، ڇاڏايل دفعه (4) ۾، شق (ii) جي لاءِ، هيٺ ڇاڏايل کي متبادل سمجهيو ويندو :

Amendment of section 3 of Sindh Act XV of 1973

”(ii) ٻـ ميمبر، جنهن مان هڪ جي مقرري ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ججن سان ڪئي ويندي ۽ ٻي جي مقرري بي ايس-20 جي لاءِ موجوده سرڪاري ملازمن سان ڪئي ويندي، ترجيح قانوني پسمنظر جي حامل هوندي. هڪ ئي وقت جي لاءِ ٽن سالن کان وڌيڪ جي عرصي جي لاءِ، صرف يا ان جي رٽائرمينٽ جي تاريخ تائين، جيڪا بہ پهريان هجي.

بشرطيڪ جتي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج يا، جيئن معاملو هجي سرڪاري ملازمن جي مقرري جي لاءِ ميسر نہ هجي، حڪومت، چيف جسٽس، هاءِ ڪورٽ آف سنڌ جي صلاح سان، هڪ ايڊووڪييٽ جي مقرري ڪري سگهي ٿي، هاءِ ڪورٽ جي هڪ ميمبر جي طور تي جيڪو جج جي حيثيت سان مقرري جي لاءِ اهل هوندو.

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**